رضی اللہ تعالٰی عنہ

# شانِ امير حمزه

# قرآني آيتون

**02-April-2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

2 اپريل 2026ع (بمطابق: 13 شوال شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شانِ امير حمزه ۾ قرآني آيتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ....

- زندگيءَ جو حقيقي مفهوم
- نفس جا 3 قِسمَ
- حضرت حمزه جنت ۾ ٽيڪَ لڳائي ويٺل
- تزڪيءِ نفس جا 3 طريقا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَاحَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَانُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى جَعَلَ لِاُمَّتِيْ فِي الصَّلَاةِ عَلَيَّ اَفْضَلَ الدَّرَجَاتِ

**ترجمو:** بيشڪ الله پاڪ منهنجي امت جي لاءِ مون تي درود پاڪ پڙهڻ جي بدلي اعليٰ درجا رکيا آهن.[1]

ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے    دم بدم اور بار بار درود
کون جانے درود کی قیمت    ہے عجب دُرِّ شاہوار درود
مومنو! آپ پر پڑھے جاؤ    باادب اور باوقار درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

1…القول البديع، صفحه:342۔

2…بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدب ويهندس۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا چاچا جان آهن. پاڻ اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت کان ٻہ سال پهريان دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا. سندن چار مشهور لقب آهن: **(1):** اَسَدُ الله (الله جو شينهن) **(2)** اَسَدُ الرَّسُول (رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شينهن) **(3):** فاعِلُ الْخَيْرات (ڪثرت سان ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ وارو) ۽ **(4):** سَيِّدُ الشُّهَدَاء (شهيدن جو سردار).[(1)]

ڪيا پوچھتے ہو کيا ہيں حضرت اميرِ حمزه
حيرت کی انتہا ہيں حضرت اميرِ حمزه
اللہ رے يہ نسبت! اللہ رے يہ عظمت!
سرکار کے چچا ہيں حضرت اميرِ حمزه

## الله ۽ رسول جو شِينهُن

معجمِ ڪبير ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي

1…شرح زرقاني مواهب الدنيه، جلد:4، صفحه:470، اُسد الغابة، جلد:2، صفحه:67.

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ ستين آسمان تي لکيل آهي: حَمْزَةُ بْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ اَسَدُ اللهِ وَاَسَدُ رَسُوْلِهٖ يعني حضرت حمزه بن عبد المطلب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ الله ۽ ان جي رسول جو شينهن آهي. (1)

وہی شیر ہیں خُدا کے اور شیر مصطفٰے کے | ہیں مُحِبِّ حبیبِ داوَر آقا امیر حمزہ!

# حضرت امير حمزه جي شهادت

پيارا اسلامي ڀائرو! 15 شوال، 3 هجريءَ تي حق ۽ باطل جي وچ ۾ عظيم جنگ لڳي، جنهن کي **غزوه ءِ اُحد** چيو ويندو آهي. غزوهءِ اُحد ۾ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ به شريڪ ٿيا هئا. پاڻ انتهائي بهادريءَ سان وِڙهيا، آخرڪار وِڙهندي وِڙهندي شهادت جي بلند مرتبي تي فائز ٿيا. (2) شهادت وقت سندن عمر مبارڪ 57 سال هئي. (3)

سرداری تمہیں حاصل ہے سارے شہیدوں کی | یوں حق کی حفاظت میں کی جان فدا حمزہ!
احسان نہ بھولے گا میدانِ اُحُد تیرا | ہے اس کی شبِ جاں میں اب تیری ضیا حمزہ!

# شانِ امير حمزه ۾ قرآني آيتون

اچو ته حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي شان ۾ نازل ٿيل قرآني

1…معجم کبیر، جلد:2، صفحہ:266، حدیث:2881۔
2…معرفۃ الصحابۃ، رقم:563، حمزۃ بن عبد المطلب، جلد:2، صفحہ:17 خلاصہ۔
3… اُسد الغابۃ،رقم:1251، حمزۃ بن عبدالمطلب، جلد:2، صفحہ:70۔

آيتن کي پڙهون ۽ انهن مان سبق حاصل ڪريون:

## (1): نُورُ عطا ٿي ويو

حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هجرت کان پهريان مڪي پاڪ ۾ ئي ايمان قبول ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جڏهن پاڻ اسلام جي دولت سان مالا مال ٿيا تہ سندن شان ۾ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي:

اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِیْ بِهٖ فِی النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِی الظُّلُمٰتِ لَیْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ
(پارو: 8، سورة انعام: 122)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڇا جيڪو مُرده هو پوءِ اسان ان کي زنده ڪري ڇڏيو ۽ اسان ان جي لاءِ هڪ نور بڻائي ڇڏيو جنهن سان ڳڌ اهو ماڻهن ۾ هلندو آهي (ڇا) اهو ان جهڙو ٿي ويندو جيڪو اونداهين ۾ (پيل) آهي (۽) انهن مان نڪرڻ وارو بہ ناهي.[1]

هتي ٻن ماڻهن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪئي وئي آهي: (1): هڪ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ انهن جي متعلق ارشاد ٿيو تہ پاڻ پهريان ڪلمو نہ پڙهيو هئائون، پوءِ الله پاڪ کين ايمان جي توفيق بخشي ۽ سندن دل ۾ ايمان جو نور لاهي ڇڏيو. (2): ٻيو ابوجهل ان جي متعلق فرمايو ويو تہ هي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو آهي، انهن مان نڪرڻ وارو نہ آهي.

فرمايو ويو: ڇا هي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا ؟ هرگز نہ ٿا ٿي سگهن.

1…تفسير ڪبير، پاره:8،سورۀ انعام، تحت الآية:122، جلد:5، صفحہ:134۔

# زندگيءَ جو حقيقي مفهوم

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ ڪريمه ۾ زندگيءَ جو عجيب فلسفو بيان ڪيو ويو آهي. عام طور تي **حرڪت** کي زندگي چيو ويندو آهي، جنهن جا ساهَ هلي رهيا هجن، جيڪو ڳالهائي سگهندو هجي، ٻڌي سگهندو هجي، گهمي ڦِري سگهندو هجي، ان کي زنده چيو ويندو آهي. پر هتي قرآن ڪريم زندگيءَ جو هڪ ٻيو ئي مفهوم بيان ڪيو آهي. ڏسو! حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي دنيا ۾ تشريف ڪٽي ايندي 40 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو. پاڻ گهمندا ڦِرندا به هئا، کائيندا پيئندا به هئا، شڪار به ڪندا هئا. ان جي باوجود به الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| كَانَ مَيْتًا<br>(پارو: 8، سورة انعام: 122) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو مرده هو |

پوءِ جڏهن پاڻ اسلام قبول ڪيائون ۽ سندن دل ايمان جي نور سان روشن ٿي وئي ته فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| فَاَحْيَيْنٰهُ<br>(پارو: 8، سورة انعام: 122) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ اسان ان کي زنده ڪري ڇڏيو |

معلوم ٿيو ته اصل زندگي دل جي زندگي آهي. جنهن جي دل ۾ ايمان جو نور موجود آهي، اُهو زنده آهي ۽ جنهن جي دل ۾ اِهو نور موجود نه آهي، سندس دل به مرده آهي ۽ اُهو پاڻ به زنده هجڻ جي باوجود مردو آهي.

زِندگی زِندہ دِلی کا نام ہے | مُردہ دِل کیا خاک جیا کرتے ہیں

# دل جي حفاظت ڪريو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو ته دل جي حفاظت ڪرڻ وڏيڪ ضروري آهي. اڄڪلهه اسان وٽ ماڻهو ظاهري جسم جي سارَ سنڀال تي وڏيڪ توجهه ڏئي رهيا هوندا آهن. اسان جي جسم کي روزانو ڪيتري خوراڪ جي ضرورت آهي؟ ڪيتريون ڪيلوريز ضروري آهن؟ جسماني طور تي ڪمزوري هجي ته ڊاڪٽر سان به مشورو ڪيو ويندو آهي. ماڻهو جسم کي فِٽ رکڻ لاءِ ورزش به ڪندا آهن ۽ جسم کي فِٽ رکڻ لاءِ (***Weightlifting***) وزن به کڻندا آهن.

پاڻ کي جسماني طور تي تندرست رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ خراب ڳالهه نه آهي، پر ان سان گڏوگڏ هيءَ به سوچڻ جي ڳالهه آهي ته ڇا اسان پنهنجي دل جي معاملي ۾ به اُهو سڀ ڪجهه ڪندا آهيون؟ ڇا ڪڏهن اسان سوچيو آهي ته اسان جي دل تندرست آهي يا نه؟ ڪٿي اسان باطني طور بيمار ته نه آهيون؟ ڪٿي اسان جي دل ۾ حسد، تڪبر، بغض، ڪِيني وغيره جهڙيون ايمان کي برباد ڪندڙ بيماريون ته پيدا نه ٿي چڪيون آهن؟

افسوس سان عرض ڪرڻو ٿو پوي ته عام طور تي هِن پاسي توجهه نه ڏني ويندي آهي. جڏهن ته اصل زندگي ئي دل جو زنده هجڻ آهي. ڪنهن ڪيڏو نه خوب چيو آهي ته:

دِلِ مُردَہ دِل نہیں، اسے زِندہ کر دوبارہ | یہی ہے اُمّتوں کے مرضِ کُہَن کا چارہ

**وضاحت:** مرضِ ڪُهن: يعني پراڻو مرض. مطلب ته قومن جي اصل

بيماريءَ جو علاج هي آهي ته سندن دليون زنده ڪيون وڃن.

## الله پاڪ بهتر واعدو فرمايو

سيپارو: **20**، سورة قصص، آيت: **61** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿۶۱﴾

(پارو: 20، سورة قصص، آيت: 61)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ اهو شخص جنهن سان اسان جو سٺو واعدو ٿيل آهي سو اهو ان (واعدي) سان ملڻ وارو (به) آهي ڇا اهو ان شخص جهڙو آهي جنهن کي اسان (فقط) دنياوي زندگي جو نفعو گذر سفر لاءِ ڏنو هجي پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن گرفتار ڪري حاضر ڪيلن منجهان هجي.

هن آيتِ ڪريمه ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٻه شخص آهن: **(1):** هڪ اُهو آهي جنهن سان الله پاڪ جنت جو واعدو فرمايو آهي ۽ اُهو ضرور جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. **(2):** ٻيو اُهو آهي جنهن کي دنيا جو مال ڏنو ويو، پوءِ قيامت جي ڏينهن ان کي گرفتار ڪري آندو ويندو، ڇا هي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نه ٿا ٿي سگهن. مفسرين ڪرام فرمائن ٿا ته: هيءَ آيتِ ڪريمه ٻه حضرت امير حمزه ۽ ابوجهل جي باري ۾ نازل ٿي. هن آيت ۾ اُهو شخص جنهن سان الله پاڪ جنت جو واعدو فرمايو آهي، ان مان مراد حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آهن ۽ اُهو شخص جنهن کي دنياوي مال ڏنو ويو پر قيامت

جي ڏينهن ڪيس گرفتار ڪري آندو ويندو، ان مان مراد ابوجهل آهي.(1)

## اللّٰه ۽ رسول جو شِينهُن

معجمِ ڪبير ۾ آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ ستين آسمان تي لکيل آهي: حَمْزَةُ بْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ أَسَدُ اللّٰهِ وَأَسَدُ رَسُوْلِهٖ يعني حضرت حمزه بن عبد المطلب اللّٰه ۽ ان جي رسول جو شينهن آهي.(2)

وہی شیر ہیں خُدا کے اور شیر مصطفٰے کے | ہیں مُحِبِّ حبیبِ داور آقا امیر حمزہ!

## (3): صاحبِ نَفْسِ مُطْمَئِنَّه

پارو: 30، سورة فجر، آيت: 27 کان 30 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَىٕنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارْجِعِيْۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿۲۸﴾ فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿۲۹﴾ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿۳۰﴾ (پارو: 30، سورة فجر: 30-27)

ترجمو ڪنز العرفان: اي اطمينان وارا ساهہ! پنهنجي رب جي طرف هن حال ۾ موٽي اچ جو تون ان کان راضي هجين هُو توکان راضي هجي پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ.

---

1…ذخائر العقبیٰ، صفحہ:300۔

2…معجم کبیر، جلد:2، صفحہ:266، حدیث:2881۔

روايتن مطابق هي آيتون حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شان ۾ ئي نازل ٿيون آهن.[1] جڏهن سندن روح مبارڪ جسم پاڪ کان جدا ٿيڻ لڳو تہ کين خطاب ڪيو ويو:

| | |
|---|---|
| يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَىٕنَّةُ ﴿۲۷﴾ (پارو: 30، سورة فجر: 27) | ترجموڪنزالعرفان: اي اطمينان وارا ساهہ. |
| ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿۲۸﴾ (پارو: 30، سورة فجر: 28) | ترجموڪنز العرفان: پنهنجي رب جي طرف هن حال ۾ موٽي اچ جو تون ان کان راضي هجين هُو توکان راضي هجي. |
| فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿۲۹﴾ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿۳۰﴾ (پارو: 30، سورة فجر: 29-30) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. |

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن آياتِ ڪريمہ مان ڪجھ ڳالهيون معلوم ٿيون: **(1):** حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نفسِ مطمئنہ وارا عظيم انسان آهن.

# نفس جا 3 قِسم

انساني نفس جا ٽي قسم آهن: **(1):** اُهو نفس جيڪو برائيءَ ڏانهن مائل ڪندو رهندو آهي، اُن کي نَفْسِ اَمَّاره چوندا آهن. **(2):** اُهو نفس جيڪو ٻانهي کي گناه تي تنبيهہ ۽ ملامت ڪندو رهندو آهي،

1…تفسير خازن، پاره:30،سورهٔ فجر، زيرِ آيت:27، جلد:4، صفحه:428.

اُن کي نَفۡسِ لَوَّامَه چوندا آهن **(3):** ٽيون نفس آهي: نَفۡسِ مُطۡمَئِنَّه، هي سڀني کان افضل ۽ اعليٰ درجي نفس جو آهي. جڏهن ماڻهوءَ جو اندر، سندس ضمير، سندس نفس اللّٰه پاڪ جي احڪامن ۽ ان جي رضا جي طلب ۾ لڳي وڃي، کيس نيڪي ڪرڻ ۾ مزو اچڻ لڳي، سڪون ملڻ لڳي، نيڪين کان پري رهڻ کيس بار محسوس ٿيڻ لڳي تہ اهڙو نفس، نَفۡسِ مُطۡمَئِنَّه آهي.**(1)**

تنهنڪري جڏهن حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو آخري وقت ٿيو تہ کين خطاب ڪيو ويو:

يٰۤاَيَّتُهَا النَّفۡسُ الۡمُطۡمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ (پارو: 30، سورة فجر: 27)

ترجموڪنزالعرفان: اي اطمينان وارا ساهہ.

معلوم ٿيو تہ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ پاڪ نفس وارا، اللّٰه پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا، هر وقت سندس رضا جي تلاش ۾ رهڻ وارا، نيڪين ۾ سڪون حاصل ڪرڻ وارا، ذوق ۽ شوق ۽ استقامت سان نيڪ عمل ڪرڻ وارا آهن.

هنن آيتن ۾ وڏيڪ ٻڌايو ويو آهي تہ: **(2):** پاڻ اللّٰه پاڪ کان راضي آهن ۽ اللّٰه پاڪ کانئن راضي آهي. **(3):** انهن کي جنت عطا ڪئي وئي آهي ۽ **(4):** کين اللّٰه پاڪ جي خاص الخاص ٻانهن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

# حضرت حمزه جنت ۾ ٽيڪَ لڳائي ويٺل

حضرت عبد اللّٰه بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: رات مان جنت

1…تفسيرصراط الجنان ، پاره :30،سورة الفجر، زيرآيت :27،جلد:10 ،صفحہ:674 مفصلًا۔

۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم تہ اُتي حضرت حمزه رضی اللہ عنہ پنھنجن دوستن سان گڏ موجود ھئا.[1]

ھڪ روايت ۾ آھي، فرمايائون: رات مان جنت ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم تہ حضرت جعفر طيار رضی اللہ عنہ فرشتن سان گڏ ھوا ۾ اڏامي رھيا ھئا جڏھن تہ حضرت حمزه رضی اللہ عنہ تخت تي ٽيڪ لڳائي ويٺا ھئا.[2]

## خاص الخاص ٻانھا ڪير آھن...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ھنن آيتن ۾ فرمايو ويو:

فَادۡخُلِیۡ فِیۡ عِبٰدِیۡ ﴿۲۹﴾

(پارو: 30، سورة فجر: 29)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ منھنجي خاص ٻانھن ۾ داخل ٿي وڃ.

ھتي عِبَادِیۡ (يعني الله پاڪ جا خاص الخاص ٻانھا) ڪير آھن؟ اِن سلسلي ۾ قرآن ڪريم جي ھڪ ٻي آيت ۾ آھي:

فَالۡمُدَبِّرٰتِ اَمۡرًا ﴿۵﴾

(پارو: 30، سورة نازعات: 5)

ترجموڪنزالعرفان:پوءِ (قسم آھي) ڪائنات جو نظام ھلائڻ وارن جو.

الله پاڪ جا مختلف فرشتا آھن جن جون مختلف ڊيوٽيون لڳايون ويندیون آھن. ❁ ڪو فرشتو برسات وسائڻ تي مقرر آھي ❁ ڪو جبلن تي مقرر آھي ❁ ڪجھ فرشتا اسان جا اعمال لکڻ تي مقرر آھن ❁ اھڙي طرح مختلف فرشتن کي مختلف ذميواريون آھن، انھن

---

1…استيعاب، رقم:331، باب جعفر، جلد:1، صفحہ:314ملتقطاً۔

2…مستدرک، كتاب معرفة الصحابة، جلد:4، صفحہ:201، حديث:4942۔

فرشتن کي مُدَبِّر فرشتا چيو ويندو آهي. [1] عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جڏهن نَفْسِ مُطْمَئِنَّه واريون هستيون يعني اولياءِ ڪرام دنيا مان ويندا آهن تہ انهن کي بہ انهن فرشتن ۾ شامل ڪري مختلف ڊيوٽيون ڏنيون وينديون آهن. [2] انهن جي متعلق ئي ارشاد ٿيو تہ:

فَادۡخُلِىۡ فِىۡ عِبٰدِىۙ ﴿۲۹﴾
(پارو: 30، سورة فجر: 29)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ.

يعني اي نَفْسِ مُطْمَئِنَّه! اي پاڪ روحَ ...!! منهنجي خاص الخاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ...!!

# ٻيوَس جي مدد ۽ دستگيرِي

عظيم عاشقِ رسول حضرت علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ ڀيري سخت ڏُڪار پيو، انهيءَ ئي ڏُڪارَ جي دوران حج جا ڏينهن بہ آيا. (اَلحَمْدُلله! ڏُڪار جي باوجود عاشقانِ رسول حج ڪرڻ لاءِ پهتا)، حضرت شيخ احمد بن محمد دمياطي مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ مصر مان بہ اُٺَ خريد ڪيا ۽ پنهنجي والده محترمہ کي ساڻ ڪري حج لاءِ مڪي مڪرمہ حاضر ٿي ويا. حج کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سرڪارِ اعظم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪرڻ لاءِ مديني منوره ۾ سندن حاضري ٿي، هتي اچي سندن اُٺَ مَرِي ويا جڏهن تہ سندن خرچ بہ ختم ٿي

---

1...تفسير طبرى، پاره:30، سورۀ نازعات، زيرِ آيت:5، جلد:12، صفحہ:420، رقم:36167ـ

2...تفسير خازن، پاره:30،سورۀ نازعات، زيرِ آيت:5، جلد:4، صفحہ:391ـ

چڪو هو، تنهنڪري پاڻ ڏاڍو پريشان ٿيا ته اُٺَ مري ويا آهن، واپسيءَ جو ڪرايو به نه آهي، هاڻي گهر ڏانهن واپسي ڪيئن ٿيندي؟ انهيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ شيخ احمد دمياطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شيخ صفي الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ساڻن سڄي صورتحال عرض ڪيائون. شيخ صفي الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اوهان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچا جان حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزارِ پُر انوار تي حاضري ڏيو، اُتي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ پنهنجي پريشاني عرض ڪريو!

شيخ احمد دمياطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هِن نصيحت تي عمل ڪيو ۽ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزارِ پر انوار تي حاضر ٿي ويا، هِتي قرآن مجيد جي تلاوت ڪيائون، پوءِ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ پنهنجي پريشاني بابت عرض ڪيائون. هِتي حاضري ڏيڻ ڪان پوءِ جڏهن پاڻ پنهنجي رهائش گاهه تي واپس پهتا ته سندن والده محترمه کين ٻڌايو ته: پُٽَ! هڪ شخص توهان جو پڇي رهيو هو.

اِهو ٻڌي شيخ احمد دمياطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر ٿيا، ڏٺائون ته هڪ رعبدار ۽ اڇي ڏاڙهي وارو شخص آهي، کين ڏسندي ئي فرمايائين: شيخ احمد! مرحبا...!! شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون جلدي جلدي اڳتي وڌي سندن هٿ چميا، فرمايائون: احمد! توهان مصر هليا وڃو! مون عرض ڪيو: عالي جاهه! ڪيئن وڃان؟ مون وَٽ ته ڪرايو به نه آهي ۽ اُٺَ به مري ويا آهن. اُهي بزرگ شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پاڻ سان گڏ وٺي مصري حاجين جي هڪ خيمي ۾ آيا ۽ هڪ شخص کي اُنَن جو ڪرايو ڏئي فرمايائون: توهان شيخ احمد ۽ سندن والده کي مصر پهچائي ڇڏيو. ان مصري

حاجيءَ بہ ان بزرگ جي وڏي عزت ڪئي. هاڻي شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جلدي جلدي پنهنجو سامان تيار ڪيو، والده محترمہ کي ساڻ ڪيائون ۽ مصري حاجين جي خيمي ۾ پهچي ويا، ان وقت تائين اُهي نيڪ بزرگ اتي ئي تشريف فرما هئا. هاڻي نماز جو وقت ٿي چڪو هو، شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان بزرگ سان گڏجي مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر ٿيا، بزرگن فرمايو: احمد! اوهان هلي نماز ادا ڪريو! شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مسجد ۾ پهتا، نماز ادا ڪيائون، منتظر هئا تہ نيڪ بزرگ بہ اچڻ وارا هوندا پر اُهي تشريف نہ ڪٺي آيا. شيخ احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ڪين ڏاڍو ڳوليو پر اُهي ڪٿي نظر نہ آيا، آخرڪار مان شيخ صفي الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ ڪين سڄو واقعو عرض ڪيو. شيخ صفي الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان بزرگ جي حُليي شريف بابت ٻڌي فرمايو: اُهي نيڪ بزرگ ڪي ٻيا نہ پر رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا سائين حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ئي هئا جيڪي اوهان جي پريشاني دور ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٺي آيا هئا.(1)

سرڪار کے ہیں دِلبر آقا امیرِ حمزہ!
ہیں مُحِبِّ حَبِیْبِ داوَر آقا امیرِ حمزہ!

بھرتے ہیں سب کا دامن اللہ کی عطا سے
آ جائے جو بھی در پر آقا امیرِ حمزہ!

بھر دیجیے مری جھولی، صدقے میں مصطفٰے کے
آیا ہوں تیرے در پر آقا امیرِ حمزہ!

طیبہ میں مَیں بھی آؤں، اب دیجیے اجازت
میرے غریب پرور آقا امیرِ حمزہ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…جامع ڪرامات اوليا،جلد:1، صفحہ:108 خلاصةً۔

# مهمانن جي حفاظت فرمايائون

شيخ سعيد بن قطب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي ڪثرت سان حاضري ڏيندا هئا. عام طور تي مديني منوره ۾ رهڻ وارا عاشقانِ رسول 12 رجب تي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي حاضري ڏيندا هئا پر حضرت سعيد بن قطب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪجھ ڏينهن اڳ ئي حاضر ٿي ويندا هئا ۽ 12 رجب تائين اتي ئي رهندا هئا. شيخ محمد بن عبد اللطيف مالڪي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان بہ شيخ سعيد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان گڏجي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿي ويس، رات ٿي تہ سڀ ماڻهو سُمهي پيا، پر مان انهن جي حفاظت لاءِ جاڳندو رهيس، رات جو مون هڪ گهوڙي سوار ڏٺو، جيڪو مزار مبارڪ جي ويجهو چڪر لڳائي رهيو هو. مون ان گهوڙي سوار کان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: منهنجو نالو حمزه بن عبد المطلب آهي ۽ مان توهان جي حفاظت ڪري رهيو آهيان. ايترو فرمائڻ کان پوءِ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نظرن کان غائب ٿي ويا.[(1)]

بابُ الدُّعا ہے بے شک جن کا مزارِ اَنْوَر | وہ بندۂ خدا ہیں حضرت امیر حمزہ

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! هنن ايمان افروز واقعن مان معلوم ٿيو تہ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اُهي عظيم ۽ پاڪ روح واري هستي آهن، جن کي حڪم ڪيو ويو:

فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ﴿۲۹﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ

1…جامع ڪرامات اوليا،جلد:1، صفحہ:109 بتغير قليل۔

| | |
|---|---|
| (پارو: 30، سورة فجر: 29) | منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ. |

پاڻ الحمد لله! انهن پاڪ ٻانهن ۾ شامل ٿي الله پاڪ جي عطا سان سندس ٻانهن جي مدد فرمائيندا آهن ۽ سوالين جون جهوليون ڀريندا آهن.

# نفسِ اَماره کي سڌاريو...!!

الله پاڪ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي، الله پاڪ اسان گنهگارن کي سندن فيضان نصيب فرمائي.

هتي اسان جي سِکڻ لاءِ به سبق آهي. ڏسو! نَفْسِ مُطْمَئِنَّه جي ڪيڏي نه فضيلت آهي، جيڪو خوشنصيب پنهنجي نفس کي سُڌاري نَفْسِ مُطْمَئِنَّه بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ان جو روح قبض ٿيڻ وقت ان کي خوشخبري ڏني ويندي آهي ۽ ڪيس چيو ويندو آهي ته اي اطمينان واري جان! هاڻي! پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ ۽ الله پاڪ جي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ الله پاڪ جي ناهيل جنت ۾ داخل ٿي وڃ...!!

سُبْحٰنَ الله! غور ته فرمايو! نَفْسِ مُطْمَئِنَّه واري جو ڪيڏو شان آهي. اسان کي به گهرجي ته اسان پنهنجي نفسِ اماره کي سُڌاري نَفْسِ مُطْمَئِنَّه بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون.

# ڪاميابيءَ جو اصل معيار

الله پاڪ سيپاري: 30، سورة شمس، ۾ ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝۹ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝۱۰<br>(پارو: 30، سورة شمس: 9-10) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جنهن نفس کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ بيشڪ جنهن نفس کي گناهن ۾ لڪائي ڇڏيو اهو ناڪام ٿي ويو. |

معلوم ٿيو تہ ۞ ڪاميابيءَ جو معيار عزت ۽ شهرت نہ آهي ۞ ڪاميابيءَ جو معيار مال ۽ دولت، عيش و عشرت، اعليٰ منصب نہ آهي، پر ڪاميابيءَ جو معيار آهي؟ **تزڪيۂِ نفس** ...!! ڪامياب آهي اُهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو، پنهنجي نفس کي برن عقيدن، برن اخلاقن، برين عادتن ۽ باطني مرضن کان پاڪ ڪري ڇڏيو ۽ جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ نہ ڪيو، اُهو چاهي دنياوي اعتبار کان ڪيتري بہ بلنديءَ تي ڇو نہ پهچي وڃي، اُهو ڪامياب نہ پر حقيقت ۾ ناڪام ٿئي آهي.

بڑے موذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گر مارا | نِہَنگ و اَژدہا و شیرِ نَر مارا تو کیا مارا

**وضاحت:** مانگرمڇ، نانگ ۽ شينهن مارڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي، وڏو ڪم تہ نفسِ اماره کي مارڻ (يعني گناهن کان روڪڻ) آهي.

# تزڪيۂِ نفس جا 3 طريقا

حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تزڪيۂِ نفس يعني نفسِ اماره کي سُڌاري نَفْسِ مُطْمَئِنَّه بڻائڻ جا ٿي بهترين طريقا ارشاد فرمايا آهن. پاڻ لکن ٿا: 3 شين جي مدد سان نفسِ اماره جو

زور ٿوڙي سگهجي ٿو: **(1): خواهشن کان رڪجي وڃڻ (2): نفس تي عبادتن جو بار وجهڻ (3): الله پاڪ کان مدد گهرڻ.**[1]

## (1): خواهشن کان رُڪجي وڃڻ

نفس جي وڏي ۾ وڏي خرابي هيءَ آهي ته هُو خواهشون پاليندو آهي، جيڪڏهن اسان نفس جون خواهشون پوريون ڪرڻ ڇڏي ڏيون ته سندس زور پنهنجو پاڻ ٽٽي ويندو.

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان سوال ٿيو: نفس جي بيماري، ان جو علاج ڪڏهن بڻجندي آهي؟ فرمايائون: جڏهن تون ان جي خواهشن جي مخالفت ڪندو رهندين (ته سندس بيماري ئي ان جو علاج ٿي ويندي).[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! تزڪيهءِ نفس جو سڀ کان مؤثر طريقو ...!! نفس جي خواهشن کان رڪجي وڃڻ آهي. جيڪڏهن اسان ائين ڪنداسين ته ڇا حاصل ٿيندو؟ الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰىۙ(۴۰) فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِیَ الْمَاْوٰىؕ(۴۱)

(پارو: 30، سورة نازعات: 40-41)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ رهيو اُهو جيڪو پنهنجي رب جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو ته بيشڪ جنت ئي ان جو نڪاڻو آهي.

---

1… منهاج العابدين،صفحه: 143ملتقطاً ـ

2… لباب الاحياء، صفحه:217ـ

هتي ٻه ڳالهيون ڪيون ويون آهن: **(1):** ٻانهو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ کان ڊڄندو رهي، هِي خوف ڪيس دل ئي دل ۾ تڙپائيندو رهي ته افسوس! هڪ ڏينهن مرڻو آهي، اونداهي قبر ۾ لهڻو آهي، پوءِ قيامت جي ڏينهن اُٿڻو به آهي، افسوس! اُهو محشر جو ميدان.... اُها ٽامي جي تتل زمين.... ٻاهه وَسائيندڙ سج..... قهر سان مُنهُن ڏيڻو پوندو، اعمال ناما کُلي رهيا هوندا، اهڙي حالت ۾ الله پاڪ جي اڳيان حاضري ٿيندي، منهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ عمل سامهون هوندو، ان وقت منهنجو ڇا ٿيندو؟ اِهو خوف تڙپائيندو رهي. **(2):** ٻي ڳالهه اِها ته ماڻهو پنهنجي نفس کي خواهشن کان روڪيندو رهي. هي ٻئي ڪم ڪنداسين ته ڇا ملندو؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِیَ الْمَاْوٰىؕ(۴۱)<br>(پارو: 30، سورة نازعات: 41) | ترجمو ڪنز العرفان: ته بيشڪ جنت ئي ان جو ٺڪاڻو آهي. |

جنت ملندي. واهه ...!! ڪيڏي نه زبردست فضيلت آهي ...!! اسان کي ڪجهه هزار روپيا ڪمائڻا هجن ته سڄو ڏينهن محنت ڪندا آهيون، ڪم، ڪم، بس ڪم ئي سِرَ تي سوار هوندو آهي، تڏهن وڃي ڪجهه سَؤ يا ڪجهه هزار روپيا ملندا آهن. الله پاڪ جي رحمت تان قربان وڃجي! ڪم ڪهڙو آهي؟ نفس کي خواهشن کان روڪڻو آهي، هي ڪنداسين ته ملندو ڇا؟ جنت. اُتان جون هميشه رهڻ واريون نعمتون، نه ختم ٿيڻ واري زندگي ...!!

وه تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

# نفس جي مخالفت کھڙن ڪمن ۾ ڪرڻ گھرجي

حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪاميابي چاهيو ٿا ته پنهنجي رب ڪريم جي اطاعت ۾ پنهنجي نفس جي مخالفت ڪريو! جيڪڏهن نفس رب ڪريم جي اطاعت (يعني نيڪ اعمال) جي خواهش ڪري ته اهڙي خواهش پوري ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن رب ڪريم جي نافرمانيءَ جي خواهش ڪري ته ان کان رڪجي وڃو...!! [1]

نفس و شيطاں پر مجھے غلبہ عطا کر یاخُدا! | اُس علی کا واسطہ دیتا ہوں جو ہے تیرا شیر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): نفس تي عبادت جو بارُ وجھو!

پيارا اسلامي ڀائرو! تزڪيهِ نفس لاءِ ٻي شيءِ جيڪا تمام ضروري آهي، اُها هيءَ آهي ته نفس تي عبادت جو بار وِڌو وڃي. نفس فطرتاً سُست ۽ لذت پسند آهي، هي عبادت ڏانهن مائل نه ٿيندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان نفس کي دٻائي، سندس مخالفت ڪندي عبادت تي سندرو ٻَڌُون ۞ پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪريون ۞ ان سان گڏوگڏ نوافل به ادا ڪريون ۞ تهجد به پڙهون ۞ اشراق ۽ چاشت ۽ اوابين جا نوافل به

---

1… الفتح الرباني، ص:160۔

پڙهون ۞ ذڪر ۽ درود به پڙهون ۞ ڪثرت سان تلاوت به ڪريون ۞ مطلب ته جيترو ٿي سگهي، عبادت ۾ دل لڳائي رکون، شروعات ۾ ڪجھ مشڪل ٿيندي، پر پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آهستي آهستي نفس عادي ٿي ويندو ۽ عبادت ۾ لذت ملڻ شروع ٿي ويندي، پوءِ نفس پاڻ ئي عبادت ڏانهن مائل ٿي ويندو.

عبادت میں ، ریاضت میں ، تلاوت میں لگا دے دل | مہِ رَمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!
بنا مجھ کو مُحَمَّد مصطفٰے کا عاشِقِ صادِق | تُو دیدے سوزِ سینہ کر عنایت چشمِ نَم مولیٰ!

# نيڪ اعمال اختيار ڪريو!

نفس تي عبادت جو بار وجھڻ لاءِ هڪ بهترين حڪمت عملي اِها آهي جيڪا دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عطا فرمائي آهي يعني **نيڪ اعمال**- اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اعمال آهن، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، طلباء جي لاءِ 92 ۽ ننڍن ٻارن جي لاءِ 40. هي نيڪ اعمال اپنايو، انهن ۾ ڪيترين ئي عبادتون شامل آهن، مثلاً ۞ ان ۾ هڪ نيڪ عمل پنج ئي نمازون باجماعت پڙهڻ متعلق آهي ۞ سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جو نيڪ عمل آهي ۞ ان ۾ نوافل به شامل آهن ۞ تلاوت ۞ ذڪر ۽ درود ۞ مختلف سنتون ۞ سليقه شعاري ۞ مختلف آداب وغيره گهڻو ڪجھ آهي. جيڪڏهن اسان اِهي نيڪ اعمال پاڻ تي نافذ ڪري ڇڏيون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وڏي

آسانيءَ سان نفسِ اماره جو زور ٽوڙڻ ۽ کيس سُڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

ميں نثار ايسا مسلماں کیجیے | توڑ ڈالیں نفس کا زُنّار ہم (1)

# (3): الله پاڪ کان مدد گهُرندا رهو!

تزڪيۂ نفس جي لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه جيڪا تمام گهڻو ضروري آهي اُها هيءَ آهي ته الله پاڪ کان دعا گهرڻ هرگز نه وساريو ڇو ته نفسِ اماره نهايت سرڪش دشمن آهي، شيطان جيڪو گمراه ٿيڻ کان پهريان تمام وڏو عالم ۽ عبادت گذار هو ۽ انتهائي چالاڪ ۽ مڪار به آهي، اُهو به نفسِ اماره سان مقابلو نه ڪري سگهيو، ان بدبخت کي به نفسِ اماره پٽڪائي هميشه لاءِ ڪافر ۽ نا مراد ڪري ڇڏيو ته پوءِ سوچيو ته اسان نفسِ اماره سان مقابلو ڪيئن ڪري سگهنداسين. تنهنڪري جيڪڏهن الله پاڪ جي مدد شاملِ حال هوندي تڏهن ئي نفسِ اماره کان ڇوٽڪارو ملي سگهندو. الله پاڪ جي نبي حضرت يوسف عليه السلام جو هي خوبصورت فرمان قرآن ڪريم ۾ به موجود آهي، پاڻ فرمايائون:

اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیْ ؕ

(پارو: 13، سورة يوسف: 53)

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ نفس ته برائيءَ جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي پر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري.

1⋯ حدائق بخشش،صفحہ:84۔

يعني نفسِ اماره برائيءَ جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي، ان جي شر کان اُهو بچي سگهندو آهي جنهن تي الله پاڪ جو رحم ۽ فضل هوندو آهي.

## هڪ دعاءِ مصطفيٰ

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورة شمس جي هنن آيتن جي تلاوت ڪندا هئا:

وَنَفۡسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۙ﴿۷﴾ فَاَلۡهَمَهَا فُجُوۡرَهَا وَتَقۡوٰىهَا ۙ﴿۸﴾

(پارو: 30، سورة شمس: 7-8)

ترجموڪنز العرفان: ۽ جان جو ۽ ان جو جنهن ان کي درست بڻايو. پوءِ ان جي نافرماني ۽ ان جي پرهيزگاري جي سمجهه ان جي دل ۾ وجهي ڇڏي.

پوءِ هيءَ دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ آتِ نَفۡسِى تَقۡوَاهَا أَنۡتَ وَلِيُّهَا وَمَوۡلَاهَا وَخَيۡرُ مَنۡ زَكَّاهَا. (1)

**ترجمو:** اي الله پاڪ! منهنجي نفس کي تقويٰ عطا فرماءِ، تون ئي ان جو مالڪ ۽ مولا آهين ۽ تون ئي کيس بهتر پاڪيزگي عطا ڪرڻ وارو آهين.

اسان کي بہ گهرجي تہ هن اداءِ مصطفيٰ کي ادا ڪريون، وقت بوقت هيءَ دعا پڙهندا ۽ گهرندا رهون اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! نفسِ اماره جو زور

1…معجم ڪبير ،جلد:5،صفحہ:283،حديث:11028۔

ٿئي ٿي ويندو.

نفس نے لذتوں میں پھنسایا | مجھ پہ لطف و کرم ہو خُدایا!
دل سے چاہت مِٹا ما سِوا کی | میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: جامعة المدينہ

پيارا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: عالم بڻجو! طالبِ علم بڻجو! يا (گهٽ ۾ گهٽ) عالمن سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃو! چوٿون نہ بڻجو، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ. (1) يعني دين سکڻ، سيکارڻ ۽ اهڙن سان محبت ڪرڻ ئي هلاڪت کان بچڻ جو ذريعو آهي.

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي ۞ علمِ دين جو نور ورهائڻ ۞ معاشري کي سُڌارڻ ۞ ماڻهن جي عقيدن ۽ عملن جي اصلاح ڪرڻ ۞ عشقِ رسول جا جام پيارڻ سان گڏوگڏ امت کي باعمل عُلماء مهيا ڪرڻ ۾ بہ مصروف عمل آهي. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر **شعبءِ جامعة المدينہ (بوائز ۽ گرلز)** جي تحت **1500** کان وڌيڪ **جامعة المدينہ** قائم آهن، جن ۾ تقريباً **1 لک 28 هزار** کان وڌيڪ طلباء ۽ طالبات علمِ دين حاصل ڪري رهيا آهن.

هن شعبي جي تحت ۞ درس نظامي (عالم ڪورس)

---

1… دارمی، صفحہ:96، حدیث:254 ۔

۞ مختلف تخصصات (*Specialization*) ۞ فيضانِ شريعت ڪورس ۞ امامت ڪورس وغيره ڪرايا ويندا آهن ۞ ڪجھ برانچن ۾ ديني علوم سان گڏوگڏ عصري علوم بہ پڙهايا ويندا آهن ۞ طلباء ڪي هاسٽل (*Hostel*)، ميس (*Mess*)، ميڊيڪل (*Medical*) جون سهولتون مفت ۾ مهيا ڪيون وينديون آهن.

نئين تعليمي سال جو آغاز ٿي چڪو آهي. پنهنجن ٻارن کي ۞ ديني ۽ دنياوي تعليم ڏيارڻ ۞ باطني تربيت ڪرائڻ ۞ سنتن جو پيڪر بڻائڻ ۞ نيڪوڪار ۽ بااخلاق بڻائڻ لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو.

الله پاڪ اسان جي دعوتِ اسلامي کي ڏينهن ڏُهوڻي، رات وِيهُوڻي ترقي عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## *Funeral* (غسلِ ميت و ڪفن دفن) ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. اَلحَمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي، آئي ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنس جاري ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن *Muslim's Funeral*- بہ آهي. هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ۞ ميت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره متعلق اهم ترين معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ۞ هڪ خاص ڳالھ تہ ميت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ۞ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جو عملي طريقو سکڻ لاءِ *Animated Videos* بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيون ويون آهن ۞ هن ۾ هڪ وڏو اهم فيچر

هي بہ آهي تہ هِن ۾ اوهان کي پنهنجي ملڪ ۽ شهر جي وڏن ذميدارن جا نمبر بہ ملي ويندا جن سان رابطو ڪري اوهان ڪفن دفن جون في سبيل الله خدمتون بہ حاصل ڪري سگهو ٿا.

توهان بہ هيءَ موبائل ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

❀ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**نيڪ اعمال تي استقامت ماڻڻ جو طريقو**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ❀ مڪتبة المدينہ اعليٰ حضرت امام احمد

رضا خان قادري رحمة الله عليه جي زندگي، خدمات، اوصاف، سوانح، علمي ڪارنامن ۽ اخلاق ۽ عادتن تي مشتمل هڪ جامع ڪتاب بنام”**سيرتِ امام احمد رضا**“جي نالي سان شايع ڪيو آهي جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان اوهان ڄاڻي سگهندا، سندن ۞ ولادت ۽ ننڍپڻ ۞ تحصيلِ علم (تعليم ۽ تربيت) ۞ خانداني زندگي ۽ معاصرين (همعصر) ۞ حياتِ اعليٰ حضرت تاريخ جي آئيني ۾ ۞ عرب ۽ بين ملڪن جي جيد عُلماء سان سندن علمي رابطا ۞ سندن علمي تحقيق ۽ تصنيفن جو مختصر تعارف ۞ اعليٰ حضرت جو هڪ خاص خواب ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي باري ۾ تذڪرو. هي ڪتاب **280 روپين** ۾ مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان قيمتاً طلب فرمايو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!    صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ أَحَبَّنِی وَمَنْ أَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1…تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔

# واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو واعدو پورو نہ ٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان نہ آهي.[(1)] **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪري ان تي اللّٰہ پاڪ ۽ فرشتن ۽ سمورن انسانن جي لعنت آهي.[(2)]

اي عاشقان رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ بلڪ سنتِ انبياء آهي ۞ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا تمام گهڻا پابند هئا ۽ ۞ واعدو ٽوڙڻ کي تمام گهڻو ناپسند فرمائيندا هئا ۞ اعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص ڪين عرض ڪيو: توهان هتي ترسو! مان اِجهو واپس اچان ٿو، اُهو شخص هليو ويو پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو، 3 ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن هُو ان جاءِ تي پهتو تہ هي ڏسي حيران ٿي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ اللّٰه! شفقت، رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو! جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي نہ جِهڻڪيائون، نہ ئي ان تي ڪاوڙ ڪيائون، بس ايترو فرمايائون: اي شخص! تون مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[(3)] اللّٰہ پاڪ اسان کي بہ سُنتِ سرڪار تي عمل ڪندي واعدو نڀائڻ وارو بڻائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل

---

1...مصنف اِبْنِ اَبِی شیبہ، کتاب الایمان، جلد:7صفحہ:223۔

2...بخاری، کتاب الجِزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179۔

3...اَبُو داؤد، کتاب ادب، باب فی العدۃ، صفحہ:781، حدیث:4996۔

كتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اِسلامي جي هفتيوار اِجتماع ۾ پڙهڻ وارا

# 6 دُرُود پاڪ ، 2 دعائون ۽ 2 حديثون

## (1): شَبِ جمعہ جو درود

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر شبِ جمعہ (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) هي درود پاڪ پابنديءَ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو، اُهو موت جي وقت سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ، ايستائين ڏسندو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس قبر ۾ پنهنجن رحمت ڀرين هٿن سان لاهي رهيا آهن.[1] اچو تہ! گڏجي هي درود شريف پڙهون ٿا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

## (2): سموارا گناهہ معاف

حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهندو، جيڪڏهن بيٺو هوندو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ جيڪڏهن ويٺو هوندو تہ بيهڻ کان پهريان، سندس گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2] اچو تہ گڏجي پڙهون ٿا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

1…اَفضَل الصَّلاة ،صفحہ:151،خلاصةً ـ

2…اَفضَل الصَّلاة ،صفحہ:65 ـ

## (3): رحمت جا ستر دروازا

جيڪو هي درود پاڪ پڙهندو آهي، ان تي رحمت جا 70 دروازا کوليا ويندا آهن. [(1)] اچو تہ رحمتن پريو درودِ شريف پڙهون ٿا:

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

## (4): 6 لک درود پڙهڻ جو ثواب

علامہ احمد صاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪجھ بزرگن جي حوالي سان لکن ٿا تہ: هن درود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان 6 لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [(2)] اچو تہ گڏجي پڙهون:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

## (5): قُربِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، اِهو ڏسي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي حيرت ٿي تہ هيءُ ڪير ايڏي وڏي رتبي وارو شخص آهي! جڏهن هو هليو ويو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي جڏهن مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي تہ هن طرح پڙهندو آهي. [(3)] اچو اسان بہ پڙهي وٺون:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

---

1…قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

2…اَفضَل الصَّلاة ،صفحہ:149 ۔

3…قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:125۔

## (6): درودِ شفاعت

شافعِ امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهندو، ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1] اچو تہ گڏجي پڙهي وٺون:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

## (1): هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون

حضرت ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هن کي پڙهڻ واري جي لاءِ 70 فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا رهندا آهن.[2] اچو تہ گڏجي پڙهون:

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

## (2): شَبِ قدر حاصل ڪري ورتي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو، جڻ ان شبِ قدر حاصل ڪري ورتي.[3] دعا ڪهڙي آهي؟ اچو تہ گڏجي پڙهون تا:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحَانَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوَاتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

---

1…الترغيب والترهيب،ڪتاب الذڪر والدعا،جلد2، صفحہ:329،حديث :30ـ

2…مجمع الزوائد ،ڪتاب الادعيہ ،جلد10، صفحہ:254،حديث :17305ـ

3…تاريخ ابن عساڪر ،جلد19، صفحہ:155،حديث :4415ـ

## (1): شَبِ جمع جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بيشڪ الله پاڪ هر جمعي جي رات جي شروع کان آخر تائين ۽ هر رات جي آخري ٽين حصي ۾ دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ فرشتي کي حڪم ڏيندو آهي جيڪو هي اعلان ڪندو آهي ۞ آهي ڪو گهرڻ وارو آهي ته مان ڪيس عطا ڪريان ۞ آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو ته مان سندس توبهه قبول ڪريان ۞ آهي ڪو بخشش جو طلبگار ته مان ڪيس بخشي ڇڏيان. اي نيڪي چاهڻ وارا! (نيڪيءَ جي ڪم ۾) جلدي ڪر ۽ اي گناهه چاهڻ وارا (گناهه ڪرڻ کان) باز اچي وڃ.(1)

## (2): جمعي جي ڏينهن جو وظيفو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز کان پهريان ٽي ڀيرا أَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الَّذِیْ لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ وَأَتُوبُ إِلَيْهِ پڙهندو، ان جا گناهه بخشيا ويندا، جيتوڻيڪ سمنڊ جي ڄڃ کان به وڌيڪ هجن.(2)

---

1…كتاب النزول للدار قطنى،ذكر الراوية عن امير المؤمنين على…الخ،صفحه: 92،حديث:3۔

2…معجم الاَوسط،جلد:5 ،صفحه: 392،حديث:7717۔